سلسلو نمبر 11

# بدعتون

پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد
ايم اي، پي ايچ ڊي

سنڌيڪار

حافظ سخي محمد مهراڻ

شرڪت اسلاميہ

مُسلم منزل، حميد پوره ڪالوني نمبر 1، ميرپور



بسم الله الرحمٰن الرحيم

اسلامي معاشري ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون به رائج آهن جيڪي قرآن ۽ حديث کان معلوم نہ ٿيون ٿين، انهي جي لاءِ مناسب خيال ٿو ڪريان تہ اهڙن حقائقن جي باري ۾ حديثن مان جيڪو اصول ۽ ضابطو معلوم ٿئي ٿو ان کي پيش ڪيو وڃي، جيئن تہ هڪڙو قطعي معيار سامهون اچي ۽ انهي معيار ۽ ڪسوٽي تي مسلمانن جي هر عمل کي پرکي ڪري اندازو (اجتهاد) ڪيو وڃي تہ اهي شريعت جي نظر ۾ پسنديده آهن يا نا پسنديده——

مشهور صحابي حضرت سلمان فارسي رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ارشاد فرمايو:

"حلال اهو آهي، جنهن کي خدا پنهنجي ڪتاب ۾ حلال ڪيو——

۽ حرام اهو آهي جنهن کي خدا پنهنجي ڪتاب ۾ حرام ڪيو——

۽ جنهن کان خاموشي اختيار فرمائي اهو عفو (جائز) آهي."[1]

اهڙي طرح حضرت ابو ثعلبہ رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ حضورِ انور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ارشاد فرمايائون:

"الله ڪي شيون فرض ڪيون آهن، انهي ڪري انهن کي ضايع نہ ڪريو (يعني انهن تي هر حال ۾ عمل ڪريو)—— ۽ ڪي شيون حرام فرمايون، انهن جي حرمت نہ ٽوڙيو—— ۽ ڪجهہ حدون قائم ڪيون، انهن کان اڳتي نہ وڌو—— ڪن شين کان بنا سيان جي—— (يعني ڄاڻي واڻي) خاموشي اختيار فرمائي، انهن ۾ بحث نہ ڪريو[2]—— (يعني اهي توهان جي لاءِ جائز قرار ڏنيون ويون آهن")

مٿين ٻنهي حديثن مان معلوم ٿيو تہ جنهن کي الله ۽ ان جي رسول عليہ التحيتہ والتسليم ڪليل لفظن ۾ حلال فرمايو، اهو حلال ٿي ويو—— ۽ جنهن کي حرام فرمايو اهو حرام ٿي ويو—— ۽ جن حڪمن جي باري ۾

ڪجهہ بہ نہ فرمايو، اهي جائز ۽ مباح آهن —— هي هڪ فطري اصول آهي —— هاڻي جيڪڏهن ڪو اهڙن حڪمن جي متعلق جن ڪان قرآن ۽ حديث ۾ خاموشي اختيار فرمائي وئي آهي، اهو حڪم لڳائي تہ هي حلال آهي، هو حرام —— ان جي لاءِ قرآن ڪريم جو هي ارشاد ڪافي آهي:

"۽ نہ چئو ان ڪي جيڪي اوهان جون زبانون ڪوڙ بيان ڪن ٿيون تہ هيءُ حلال آهي ۽ اِهو حرام آهي جيئن تہ الله تي ڪوڙ هڻو، بيشڪ جيڪي الله تي ڪوڙ هڻن ٿا، اهي ڪڏهن بہ ڪاميابي حاصل نہ ٿا ڪري سگهن."(3)

بيشڪ مناسب ۽ معقول ڳالهہ اها ئي آهي تہ جنهن ڪي الله ۽ ان جي رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم حلال ڪيو، ان ڪي حلال سمجهون —— ۽ جنهن ڪي حرام ڪيو، ان ڪي حرام سمجهون ۽ هرو ڀرو فقيهانہ نڪتہ چيني (چير ڦاڙ) ۾ مبتلا ٿي ڪري اتحاد ڪي ٽڪرا ٽڪرا نہ ڪريون، اهو اتحاد جيڪو اسلام جو مقصود ۽ مطلوب آهي —— ڪنهن بہ شيءِ جو عهدِ رسالت مآب صلي الله عليہ وآلہ وسلم، عهد خلافت راشده ۽ عهدِ تابعين ۽ تبع تابعين ۾ هجڻ ان جي فضيلت جي دليل آهي ۽ نہ هجڻ ان جي حرمت جو دليل ناهي، ٿي سگهي ٿو تہ اها مباح ۽ جائز هجي —— زمانو هڪڙي حالت تي نہ رهندو آهي، انهي ۾ انقلابات ۽ تبديليون ايندي رهنديون آهن ۽ اهو انسان جي سڄي زندگيءَ کي متاثر ڪندو آهي. شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري انهن تبديلين ۽ انقلابن کي قبول ڪري سگهجي ٿو، ان ڪانسواءِ زندگي گذارڻ ممڪن نہ آهي ——

هڪڙي ڳالهہ وڏيڪ غور جوڳي آهي تہ الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صلي الله عليہ وسلم جنهن شيءِ جي ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي اها هر حال ۾ جائز هوندي، جيستائين ڪنهن خاص صورت يا هيئت ۾ انهي جائز شيءِ

کان منع نہ ڪيو ويو هجي ـــــ اهڙي طرح جنهن شيءِ کان منع ڪئي ويئي آهي، اها هر حال ۾ ناجائز هوندي، جيستائين ڪنهن خاص صورت يا هيئت ۾ ان جي ڪرڻ جي اجازت نہ هجي ـــــ هيءَ عام ڳالهہ آهي جنهن کي سمجهڻ جي لاءِ عام انسان جو عقل ڪافي آهي ـــــ مثال طور قرآن ڪريم ۾ حضور انور صلي الله عليہ وسلم جن جي تعظيم ۽ توقير (عزت ڪرڻ) جو حڪم ڏنو ويو آهي[4] تہ اها تعظيم ۽ تڪريم هر صورت ۾ جائز هوندي. تعظيم ۽ تڪريم جا مختلف قومن جا مختلف انداز آهن، پنهنجي پنهنجي رواج جي مطابق اهي تعظيم ۽ تڪريم ڪري سگهن ٿا، ايستائين جو ڪنهن خاص صورت يا هيئت (شڪل) ۾ تعظيم جي ممانعت نہ هجي ـــــ مثال طور، پاڻ سونهارن کي يا سندن روضي اقدس کي سجدو ڪرڻ ان جي ڪلم ڪلا (صراحتًا) ممانعت آهي ـــــ اهڙي طرح مردار کائڻ جي ممانعت آهي، اها هر حال ۾ حرام آهي، هائو ڪا بہ خاص صورت مستثنيٰ (عليحده) جي تہ انهي ۾ کائڻ جي اجازت هوندي، مثلاً لاچاري جي حالت ۾.

جيئن تہ عرض ڪيم تہ زماني ۾ انقلابات ۽ تبديليون ايندي‍ون رهنديون آهن. نيون نيون ڳالهيون"[1]" سامهون ايندي‍ون رهنديون آهن. انهي جي لاءِ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن اسان کي تمام سٺو اصول ڏنو آهي، جنهن هر قسم جي شڪن ۽ شبهن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي ـــــ پاڻ سونهارا صلي الله عليہ وسلم فرمائين ٿا:

> "جنهن شيءِ کي مسلمان چڱو سمجهن، اها شيءِ
> الله تعاليٰ جي نزديڪ بہ چڱي آهي" ـــــ [5، 6]

---

"1" نيون نيون ڳالهيون نالي ڪتابڙو پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد صاحب جو هن ئي اداري اڳ ۾ سنڌي ۾ شايع ڪرائي مفت ورهايو آهي (مترجم)

هتي اهلِ علم ۽ مسلمانن جي گهڻائي (اڪثريت) مراد آهي———

ان جي وضاحت هڪڙي ٻي حديث مان هيئن ٿئي ٿي. پاڻ سونهارن صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي:

"اوهان وڏي جماعت (سوادِ اعظم) جي پيروي ڪريو". (7)

پڻ مرقات شرح مشڪوات ۾ انجي تشريح هيءَ ڪئي ويئي آهي:-

سوادِ اعظم (وڏي جماعت) مان مراد اها جماعت آهي

جنهن ۾ مسلمانن جي گهڻائي (اڪثريت) هجي. (8)

پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم جن جماعت ۽ جمهور سان گڏ رهڻ جو شديد تاڪيد فرمايو آهي، هيءَ حديث ملاحظ فرمايو جيڪا اسان سيني جي لاءِ ميناره نور آهي———

حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنہ کان روايت آهي ٻنهي جهانن جي سردار صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايائون:

"جهڙي طرح ٻڪريءَ جي لاءِ بگهڙ آهي، اهڙي طرح شيطان

انسان جي لاءِ بگهڙ آهي (بگهڙ جي عادت آهي تہ اهو)

- ——— ويهي ڇيهہ ٻوڙ هڏ ——— ۽
- ——— پري وڃڻ واري ——— ۽
- ——— هڪڙي طرف رهجي وڃڻ وارين
- ——— (ٻڪرين) کي جهليندو آهي
- ——— اوهان پنهنجو پاڻ کي تنگ گهاٽين (ڏرڙن[1]) کان بچايو.
- ——— هر حال ۾ جماعت ۽ جمهور سان گڏ رهو"(9)

ڪي حضرات عوام جي راءِ کي اهميت نہ ڏيندا آهن ۽ ڪين جاهل ۽

---

[1] "ٻڪري جيڪا ڇانگ کان الڳ ڏرڙ ۾ هلي ويندي آهي اها شڪار ٿي ويندي آهي. (مترجم)

اڻپڙهيل سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن. زمانہ نبوي صلي الله عليہ وسلم ڪيترا پڙهيل لکيل هئا؟ پر پاڻ سڳورا هميشہ مشورو وٺندا هئا[10] ۽ عوام جي راءِ کي نظر انداز نہ فرمائيندا هئا—— حضور جن هن پراڻي رسم کي ختم ڪري ڇڏيو تہ هڪڙو بادشاهہ پنهنجي نفساني خواهش کان جيڪي چاهي فيصلو ڪري عوام تي نافذ ڪري ڇڏي—— سندن ذاتي فيصلا بہ وحي جي تابع هوندا هئا. پاڻ ڪريمن ڪڏهن بہ نفساني خواهش سان فيصلو نہ فرمايائون[11]—— پاڻ سونهارن هر حالت ۾ مسلمانن کي گهڻائي (اڪثريت) ساڻ رهڻ جي هدايت فرمايائون—— پاڻ ڪريمن فرمايائون:

جنهن جماعت کان هڪ گرانٺ جيتري جدائي ڪئي، انهي اسلام جو پٽو پنهنجي گردن مان ڪڍي ڇڏيو——[12]

سياسي ۽ عمرانياتي نقطہ نظر کان ڏٺو وڃي تہ "ڪثرت راءِ" کي نظر انداز ڪرڻ سان ملت ۾ ڏڦيڙ ۽ ڦوٽ جي فضا پيدا ٿي ويندي آهي. جديد زماني جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي مثال ملي ويندا. بلڪہ ڪن ماڻهن خود مشاهدو ۽ تجربو بہ ڪيو هوندو—— ڪڏهن بہ ائين ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيو تہ ڪثرت راءِ اختلاف (ڦيڙ) پيدا ڪيو هجي—— جيڪا حقيقت کان ثابت آهي، الله ۽ ان جي رسول عليہ السلام مسلمانن کي انهي طرف متوجہ ڪيو جيئن تہ اهي متفق ۽ متحد رهن—— اسلام جو مقصد باهمي اخوت ۽ محبت آهي.

"ڪثرت راءِ" جو ضابطو بہ انهيءَ مقصد جي حصول جي لاءِ بنايو ويو آهي—— حضرت ابو موسيٰ اشعري رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ پاڻ سردارن صلي الله عليہ وسلم جن فرمايائون:

"هڪڙي مؤمن جو ٻئي مومن سان اهو واسطو آهي جهڙي طرح هڪڙي عمارت جا جزا جو انهن مان هر هڪ جزو، ٻئي کي مدد پهچائيندو آهي ۽ هر هڪ کي هڪٻئي کان پختگي پهچندي آهي——

پوءِ هڪ هٿ جي آڱرين کي ٻي هٿ جي آڱرين ۾ وجهي مسلمانن جي پاڻ ۾ ٻڌي ۽ اتحاد کي مثال طور ڏيکاريائون"——(13)

حضرت نعمان بن بشير رضي الله عنه کان هڪ روايت آهي ته پاڻ سونهارن صلي الله عليه وسلم جن فرمايائون:

"ملت اسلاميه فردِ واحد جي جسم جيئن آهي جڏهن ان جي اک يا مٿي ۾ تڪليف هوندي ته سڄو بدن ڏکڻ لڳندو".(14)

انهن حديثن مان معلوم ٿئي ٿو ته شارع اسلام عليه السلام جن جو مقصد هي آهي ته مسلمان ڪنهن به صورت ۾ هڪ ٻئي کان جدا نه ٿين، هر حال ۾ متحد رهن ۽ هڪ ٻئي جي ڏک سک ۾ شريڪ رهن. انهي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي ته هر حال ۾ مسلمانانِ عالم جي ڪثرت راءِ جو احترام ڪيو وڃي—— صداقت ۽ سچائي "ڪثرت راءِ" ۾ لڪيل آهي—— هڪ مثال مان انهي حقيقت جو پتو پوي ٿو.

سيني کي خبر آهي ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي تاريخ ولادت ۾ اختلاف ڏنو ويو آهي—— حضرت عطا رضي الله عنه جي خيال ۾ 3 ربيع الاول آهي. حضرت عڪرمه رضي الله عنه جي خيال ۾ 08 ربيع الاول ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنه جي خيال ۾ 12 ربيع الاول—— علامه ابن جوزي رحمته الله عليه ٽيئي قول پيش ڪري آخري قول جي باري ۾ فرمايو ته اهو زياده صحيح آهي(15)—— دنيا جي سيني مسلمانن آخري قول تي اجماع ڪيو ۽ جمهور جي اها ئي راءِ بيني—— اڄ عام مسلمانن کي اختلاف راءِ جي خبر به ڪانهي، ڇو جو عوامي فيصلو نافذ ٿي

ڇڪو—— هاڻي ماضي ڏانهن زمانہ نبوي صلي الله عليہ وسلم کان هزارين ورهيہ پوئتي هلو—— هندوئن جي مذهبي ڪتاب ڀاڳوت پراڻ کي کڻي ڏسو—— انهي ۾ لکيل آهي:-

"اهو مظهر حق 12 ربيع الاول—— سومر جي ڏينهن پيدا ٿيندو امن واري شهر ۾، هڪڙي سردار جي گهر، جنهن جو نالو عبدالله هوندو، انجي ماءُ جو نالو آمنہ هوندو"[16]

اوهان ڏٺو، جيڪو فيصلو عوام ۽ خواص صديون اڳ ۾ ڪيو هو، ان جي حقانيت هن صدي ۾ ظاهر ٿي چڪي—— انهي جي لاءِ عرض ڪيو ويو تہ "ڪثرت راءِ" ۾ صداقت لڪيل هوندي آهي. ۽ جماعت و جمهور تي الله جو هٿ هوندو آهي—— جيڪو ان سان اختلاف ڪري ٿو، اهو پاڻ بہ تباهہ ٿيندو آهي ۽ ٻين کي بہ تباهہ ڪندو آهي.

"ڪثرت راءِ" (گهڻائي) جي جمهوري اصول مان هي اندازو ٿئي ٿو تہ شارع عليہ السلام شريعت ۾ زماني جي "حرڪي (حرڪت ڪندڙ) قوت" جي رعايت ڪئي آهي ۽ انساني معاشري جي انقلابن ۽ تبديلين جو لحاظ رکيو آهي. انهي سلسلي ۾ پاڻ سردارن صلي الله عليہ وسلم جن جو هي نهايت اهم ارشاد ڏيان جوڳو آهي. پاڻ فرمايائون:

"جنهن اسلام ۾ چڱو طريقو ڪڍيو، انجي لاءِ ان جو ثواب آهي ۽ ان ڪانپوءِ ان تي عمل ڪرڻ وارن جو ثواب آهي، جڏهن تہ بعد وارن جي ثواب ۾ گهٽتائي نہ ڪئي ويندي ۽ جنهن اسلام ۾ برو طريقو ڪڍيو تہ انهي تي ان جو گناهہ آهي ۽ ان ڪان پوءِ ان تي عمل ڪرڻ وارن جو گناهہ آهي، جڏهن تہ بعد وارن جي گناهن ۾ گهٽتائي نہ ڪئي ويندي"[17]

هن حديث پاڪ ۾ سنت حسنہ (چڱي طريقي) ۽ سنت سيئہ (بري طريقي) جي وند ورچ ڪئي ويئي آهي ۽ اهو واضح ڪيو ويو آهي تہ زماني جي ضرورتن ۽ حالات جي تقاضائن جي تحت مستقبل (ايندڙ وقت) ۾ ڪي ماڻهو سنا طريقا ڪيندا ۽ ڪي ماڻهو برا طريقا—— چڱن کي انهن جي چڱائيءَ جو ثواب ملندو ۽ برن کي انهن جي برائي جو عذاب. پڻ هڪ حديث ۾ بري طريقي جي وضاحت ڪندي ارشاد فرمايائون:

"جنهن اسان جي دين ۾ اهڙي شيءِ ايجاد ڪئي

جنهن جو اصل هن دين ۾ ناهي، اهو مردود آهي"[18]

هن حديث پاڪ جو ٻيو پهلو هي آهي تہ:

"جنهن اسان جي دين ۾ اهڙي شيءِ ايجاد ڪئي،

جنهنجو اصل دين ۾ آهي، اهو محبوب آهي"

مطلب تہ سنت حسنہ مرغوب ۽ محبوب آهي ۽ سنت سيئہ مردود—— انهن مردود ۽ ناپسنديده طريقن جي باري ۾ "بدترين ڪم اهي آهن جيڪي نوان پيدا ٿيل هجن ۽ هر نوان پيدا ٿيل برا طريقا گمراهي آهن"——[19]

هن حديث کي هر نو پيدا شيءِ تي ڇُهڻائي (منطبق) نٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ نوپيدا شين ۽ طريقن جي باري ۾ حديثن ۾ ڀريل ئي وضاحت ڪئي ويئي جنهن جو تفصيل مٿي گذري چڪو آهي.

قرآن ۾ نون پيدا ٿيل معاملن/حڪمن جو ذڪر آهي ۽ انهن تي اجر ۽ ثواب جو بہ. اهو هن طرح تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي پوئلڳن ترڪ دنيا ۽ رهبانيت کي ازخود دين ۾ ايجاد ڪيو. الله پاڪ کين انهي جو حڪم نہ ڏنو هو. اهو رحمان ۽ رحيم آهي، ٻانهن تي زياده بوجهہ نٿو وجهي. هائو جيڪڏهن ٻانها پاڻهي بوجهہ کڻڻ چاهين تہ منع نٿو فرمائي، بلڪہ اجر ۽ ثواب عطا فرمائيندو آهي. اها عادت الاهي آهي. پڻ جن پيروڪارن تارڪ

الدنيا ۽ رهبانيت جي زندگي گذاري ۽ هن بدعت کي نڀايو، انهن کي سندن نيت ۽ نيڪ عمل جو اجر عطا فرمايو ۽ جيڪي نڀائي نه سگهيا اهي اجر ۽ ثواب کان محروم رهيا—— قرآن شريف ۾ ان جو تفصيل هن طرح آهي.

"پوءِ اسان انهن جي پويان انهيءَ واٽ تي پنهنجا ٻيا رسول موڪليا ۽ انهن جي پويان عيسيٰ ابن مريم کي موڪليوسون ۽ کيس انجيل عطا ڪيوسون ۽ ان جي پوئلڳن جي دل ۾ نرمي ۽ رحمت رکي—— ۽ راهب بڻجڻ، اها ڳالهه ته انهن دين ۾ پنهنجي طرفان ڪڍي، اسان انهن تي مقرر نه ڪئي هئي، هائو اها بدعت انهن الله جي رضاطلبي جي لاءِ پيدا ڪئي، پوءِ ان کي نه نڀاهيائون، جيئن ته انجي نڀاهڻ جو حق هو، ته انهن جي ايماندارن کي اسان انهن جو ثواب ڪيو". (الحديد: 27)

مٿئين آيت مان هي نڪتا اَخذ ڪري سگهجن ٿا:-

1. الله پاڪ جي رضاطلبي جي لاءِ دين ۾ نئين ڳالهه ڪڍي سگهجي ٿي.
2. جيڪا (چڱي) ڳالهه (انهي مقصد جي لاءِ دين ۾ ڪڍي وڃي، ان کي هميشه ڪرڻ گهرجي، ڇڏڻ نه کپي.
3. اهڙين نئين ڳالهين ۽ بدعتن تي جيڪڏهن پابنديءَ سان عمل ڪيو وڃي ته الله پاڪ جي طرفان اجر ۽ ثواب ملندو آهي.

حقيقت هي آهي ته قرآن پاڪ ۾ هر شيءِ جو بيان ۽ هر ڳالهه جو جواب آهي، اها اسان جي بدنصيبي آهي جو عقل، دانائي ۽ شيطاني وسوسا اسان کي پريشان ڪري رکندا آهن—— بهرحال سنن حسنه سان گڏوگڏ سنن سيئه به بدعتن ۾ شامل آهن جيڪي بيشڪ گمراهي آهي.[20]

—— امام شاطبي رح ڪتاب الاعتصام ۾ سنتِ سيئه جي تشريح ڪندي لکيو آهي:

"دين ۾ اهو پنهنجو بنايل طريقو جيڪو شريعت جي مشابہ هجي، ان تي هلڻ جو اهو ئي مقصد هجي جيڪو شرعي طريقي مان مقصد هوندو آهي"(21)

هن اجمال جو جيڪڏهن تفصيل ڪيو وڃي تہ ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون مردود (رد) ثين ٿيون، جيڪي اسان جي نگاهہ ۾ محبوب آهن—— مثلاً سال ۾ ملڪ جي هڪ گوشہ ۾ ملڪ جي مسلمانن کي گڏ ڪري عبادت ڪرڻ ۽ ڏکيون ڏکيون دعائون گهرڻ—— شريعت ۾ پنج وقتن ۾ محلي جي مسجد ۾ سڀني کي جمع ڪيو ويو آهي، جمعہ جي نماز جي لاءِ شهر جي وڏي مسجد ۾ ۽ عيد نماز جي لاءِ شهر کان ٻاهر عيدگاهہ ۾—— انکان زياده الله پاڪ پنهنجن ٻانهن کي تڪليف نہ ڏني آهي، ها جيڪي مڪلف آهن انهن تي حج فرض ڪيو ويو، بشرطِ پهچ جي—— هاڻي جيڪڏهن ڪو ميدانِ عرفات جي اجتماع جو نقل ڪري ٿو ۽ بنا تڪليفِ شرعي جي ماڻهن کي گڏ ڪري ٿو تہ اهو اهڙين بدعتن جو مرتڪب آهي جنهن جو ذڪر امام شاطبيءَ ڪيو آهي ۽ جنهن جو ذڪر حديث ۾ بہ آهي—— بهرحال نون پيدا ٿيل احڪامن کي ٻن خانن ۾ ورهايو ويو آهي، اهي احڪام جن جو اصل دين ۾ موجود آهي يقيناً محبوب ۽ محمود آهن(22) (جيئن ٻج ۽ وڻ—— وڻ جي هڪ هڪ ٽاري، هڪ هڪ پن، هر هڪ گل جو تعلق ٻج سان آهي، ڪٿي ظاهر ۾ ٻج تي نظر رکڻ وارو تعلق محسوس نٿو ڪري سگهي پر جنهن کي علم ۽ بصيرت حاصل آهي، اهو انهي تعلق کي ڏسي وٺندو)

"۽ اهي احڪام (معاملات) جن جو اصل دين ۾ نہ آهي مردود ۽ ناپسنديده آهن" (23)

هڪڙي ٻي ڳالهہ ڌيان ۾ رهي تہ اعمالن جو دارومدار نيت تي آهي جيئن تہ حديث شريف ۾ صراحت موجود آهي(24)—— انهي مان معلوم ٿيو

تہ ڪي ناپسنديده نظر اچڻ وارا احڪام خير ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا: علامہ ناصر الدين ابن الخير چڱو فرمايو آهي:

"مقاصد، فعل جي احڪامن کي تبديل ڪري ٿا ڇڏين" (25)

مثلاً هڪ شخص پنهنجي ٻارن جي شاديءَ تي چراغان ڪري ٿو، هزارين روپيا خرچ ڪري ٿو. ٻيو شخص جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليہ وسلم تي چراغان ڪري ٿو، هزارين روپيہ خرچ ڪري ٿو——— ٻنهي چڻن چراغان ڪيو، ٻنهي چڻن هزارين روپيا خرچ ڪيا——— پر هڪڙي جو مقصد نمود ۽ نمائش ڪانسواءِ ڪجهہ نہ هو ۽ ٻي جو مقصد تعظيم ۽ تڪريم مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم آهي——— پهرئين جي نيت مردود، مقصد ناپسنديده ۽ ٻي جي نيت مقبول ۽ مقصد پسنديده——— انهي جي لاءِ متحده عرب امارات جي شرعي عدالت جي چيف جسٽس شيخ احمد عبدالعزيز المبارڪ محفل عيد ميلادالنبي صلي الله عليہ وسلم تي اظهارِ خيال ڪندي فرمايو آهي:

"بدعت جو دارو مدار ان جي هجڻ وارن چڱن ۽ برن احڪامن (امورن) تي ٻڌل آهي، جيڪڏهن اهي چڱا آهن تہ اها پسنديده آهي ۽ جيڪڏهن اِهي برا آهن تہ قابل مذمت"——— (26)

# حــــوالا

1. (الف) امام ابو عيسيٰ محمد بن عيسيٰ: ترمذي شريف، مطبوعه كراچي
(ب) ابو عبدالله محمد بن يزيد ابن ماجه قزويني: سنن ابن ماجه، مطبوعه لكنؤ.
2. (الف) محدث ابو الحسن علي بن عمردار قطني: سنن دار قطني.
(ب) ولي الدين بن عبدالله الخطيب: مشكات المصابيح، مطبوعه كراچي ص 32
3. سوره نحل، آيت نمبر 117.
4. سوره اعراف آيت نمبر157، سوره فتح آيت نمبر9، سوره حجرات آيت نمبر1، 2.
5. سوره احزاب آيت نمبر 57
6. (الف) امام محمد، مؤطا امام محمد ص 104.
(ب) ابن قيم: كتاب الروح ص 10.
(ج) علي بن سلطان القاري: مرقات شرح مشكوات.
(د) محمد امين بن عمر بن عابدين شامي: ردالمحتار علي لدرالمختار (ج 3) ص 375.
(هـ) احمد رضا خان بريلوي: اقامه القيامه، مطبوعه لاهور سنه1970ع ص 12
7. (الف) ابو عبدالله محمد بن يزيد: سنن ابن ماجه مطبوعه لكنؤ.
(ب) ولي الدين محمد عبدالله خطيب تبريزي: مشكات شريف ص 30
8. علي بن سلطان القاري، مرقاه شرح مشكات مطبوعه كراچي ص 30
9. ولي الدين محمد عبدالله خطيب تبريزي: مشكات شريف، مطبوعه كراچي ص 31
10. (الف) قرآن شريف. سوره آل عمران آيت نمبر 159
(ب) ابو عيسيٰ محمد بن عيسيٰ: ترمذي شريف مطبوعه كراچي، كتاب الجهاد باب نمبر 34 ص 263
(ج) ابو عبدالله محمد بن يزيد بن عبدالله ابن ماجه. سنن ابن ماجه، مطبوعه لكنؤ، باب نمبر 1، حديث نمبر 2 ص 52

11. سوره نجم. آيت نمبر 3، 4.
12. (الف) احمد بن حنبل: مسند احمد.
(ب) سليمان بن اشعث سجستاني: سنن ابودائود. مطبوعہ كراچي.
(ج) ولي الدين محمد عبدالله خطيب تبريزي: مشكوات شريف. مطبوعہ لاهور.
13. (الف) ابو عبدالله محمد بن اسماعيل: بخاري شريف. مطبوعہ دهلي ج 2 ص 890.
(ب) ابو الحسين مسلم بن الحجاج نيشاپوري: مسلم شريف. مطبوعہ دهلي ج 2، ص 321
14. (الف) ابو عبدالله محمد بن اسماعيل. بخاري شريف. مطبوعہ دهلي ج 2، ص 889
(ب) ابو الحسين مسلم بن الحجاج نيشاپوري: مسلم شريف. مطبوعہ دهلي ج 2، ص 321
(ج) ولي الدين محمد بن عبدالله الخطيب. مشكات المصابيح. مطبوعہ كراچي ص 422.
15. حافظ جمال الدين عبدالرحمان ابن الجوزي: بيان الميلاد النبي صلي الله عليہ وسلم. مطبوعہ لاهور ص 31.
16. ڀاڳوت پراڻ. اسكند 12. باب 2. شلوڪ 18.
17. (الف) ابوالحسين مسلم بن الحجاج نيشاپوري قشيري: مسلم شريف. مطبوعہ دهلي ج 1، ص 327.
(ب) يوسف سيد هاشم الرفاعي: ادلہ اهل السنة والجماعة. مطبوعہ لاهور سنہ 1987ع ص 235
(ج) ولي الدين محمد بن عبدالله الخطيب. مشكواه المصابيح. مطبوعہ كراچي ص 33.
18. (الف) ساڳيو. مسلم شريف
(ب) ابودائود سليمان بن اشعث. ابودائود شريف. مطبوعہ كراچي ج 2. ص 279

(ج) يوسف سيد هاشم الرفاعي: ادلہ اهل السنتہ والجماعتہ. مطبوعہ لاهور.

(د) ولدي الدين محمد بن عبدالله الخطيب. مشڪواه المصابيح. مطبوعہ ڪراچي ص 27.

19. ساڳيو.

21. ساڳيو. صہ 285

(22) (الف) مثلاً عظيم الشان مسجدون بنائڻ. مينار بيهارڻ. وڏا وڏا گنبذ بنائڻ. ننڍيون ننڍيون برجيون بنائڻ. محراب بنائڻ. جهار. فانوس ۽ پکا لڳائڻ. هيٽر ڪولر ۽ ايئرڪنڊيشنر لڳائڻ. گرم ۽ ٿڌي پاڻيءَ جو انتظام ڪرڻ. قالين وڇائڻ. نمازين جي لاءِ قرآن جا نسخا رکڻ تسبيحون لٽڪائڻ. ٽوپيون رکڻ. لائوڊ اسپيڪر لڳائڻ——— ايهي سيئي ڳالهيون نيون آهن. عهد نبوي. عهدِ خلافت راشده ۽ عهد تابعين ۽ تبع تابعين ۾ نہ هيون. پر ايهي سيئي احڪام جنهن شيءَ تي مرتب ٿين ٿا اها مسجد آهي جنهنجو اصل دين ۾ آهي.

(ب) اهڙي طرح خط نسخ ۾ قرآن لکائڻ. حرفن کي نقطا ۽ زير. زبر پيش لڳائڻ رموزواوقاف (وقفن جون نشانيون) مقرر ڪرڻ. تجويد ۽ قرآت تي ڪتاب مدون (تيار) ڪرڻ تفسيرون لکڻ ۽ مختلف زبانن ۾ ترجما ڪرڻ. ٽيهن پارن تي تقسيم ڪرڻ ۾ هر هڪ پاره جو الڳ نالو رکڻ. پريس ۾ ڇپائڻ. نفيس جلد بنائڻ ۽ ڪيسٽون تيار ڪرڻ وغيره وغيره ايهي سيئي ڳالهيون ابتداءِ ۾ ڪٿي هيون. پر جنهن شيءَ تي ايهي ڳالهيون مرتب ٿين ٿيون. ان جو اصل دين ۾ آهي. يعني قرآن بلڪ اهو تہ اصل دين آهي.

24. محمد بن اسماعيل بخاري: بخاري شريف. مطبوعہ ڪراچي ص 2.

25. يوسف سيد هاشم الرفاعي:ادلہ اهل السنتہ والجماعتہ. مطبوعہ لاهور ص 247

26. خليل احمد رانا. انوارِ قطب مدينہ مطبوعہ لاهور سنہ 1408ھ. ص 466

سلسلہ مطبوعات نمبر 13

# بدعتون


پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد
ايم. اي، پي. ايچ. ڊي


سنڌيڪار: حافظ سخي محمد مهراڻ


شرڪت اسلاميه
مُسلم منزل - حميد پُوره ڪالوني نمبر 1
ميرپور خاص (سنڌ) اسلامي جمهوريه پاڪستان

SHIRKAT-I-ISLAMIA MIRPURKHAS (SINDH) PAKISTAN

شرکت اسلامیہ

میرپورخاص (سندھ) پاکستان

شرکت اسلامیہ میرپورخاص
Shirkat-i-Islamia, Mirpurkhas